ربيع الآخر 1444ھ / نومبر 2022

ماھوار

# فيضانِ مدينه

دعوت اسلامی

- تفسيرِ قرآنِ ڪريم
- اسلامي عقائد ۽ معلومات
- خوابن جي دنيا
- انسان ۽ نفسيات



**تمام مسلمانن کي يارهين شريف جي مبارڪ هجي**

ويب ايڊيشن



تفسيرِ قرآنِ ڪريم

# ولايت حاصل ڪرڻ جو طريقو

مفتي محمد قاسم عطّاري

ارشادِ باري تعاليٰ آهي

اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ٻڌو! بيشڪ الله جي ولين تي نہ ڪجهہ خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. اهي جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا رهيا. (پ 11، يونس: 62، 63)

تفسير: ولايت الله تعاليٰ جو خاص انعام آهي، جيڪو پنهنجي مشيت ۽ حڪمت سان پنهنجي خاص ٻانهن کي عطا فرمائيندو آهي، بهرحال اهلِ سُنّت جو عقيدو هي آهي تہ ولايت وهبي آهي، ڪسبي (محنت سان حاصل ٿيڻ واري) نہ آهي. جيئن تہ امامِ اهلِ سنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي: ولايت ڪسبي ناهي صرف عطائي آهي، ها ڪوشش ۽ مُجَاهدا ڪرڻ وارن کي (الله پاڪ) پنهنجي راهہ ڏسيندو آهي. (فتاوىٰ رضويہ، 606/21)

عقائد جي ڪتابن ۾ ولي جي تعريف هيئن آهي: الولی هو العارف بالله تعالی وصفاته بحسب ما یمکن، المواظب علی الطاعات المجتنب عن المعاصی المعرض عن الانهماك فی اللذات والشهوات

ترجمو: ولي اهو آهي جيڪو صفاتِ الٰهي جي ممڪن حد تائين معرفت رکندڙ هجي، فرمانبرداري تي هميشگي ڪرڻ وارو، گناهن کان بچڻ وارو ۽ لذتن ۽ شهوتن ۾ پوڻ کان بچڻ وارو هجي.

(شرح العقائد النسفية، ص316)

باقي هي ڳالهہ واضح آهي تہ الله تعاليٰ ٻانهن کي اعليٰ درجي جي اخلاص ۽ ڪمال تي مبني نيڪ اعمال جي ڪثرت ۽ هميشگي تي انهن کي ولايت جو انعام عطا فرمائيندو آهي. اهي اعمال ڪهڙا آهن جن تي هي انعام عطا ڪيو ويندو آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ حقيقت ۾ تہ ربّ ڪريم جي مشيّت آهي، چاهي تہ ڪنهن هڪ عمل ئي تي وڏا وڏا رتبا عطا فرمائي ڇڏي، پر جيڪڏهن اولياءِ ڪرام جي احوالن ۽ سيرت جو مطالعو ڪجي تہ انهن ۾ هيٺ ڏنل اوصافَ عام طور هڪجهڙا نظر اچن ٿا جو يا تہ انهن وصفن تي ولايت

کان پهريان ئي استقامت نظر ايندي آهي، يا ولايت ملڻ کان پوءِ هي صالح عملَ اُنهن جي زندگي ۾ واضح طور نظر ايندا آهن. لهٰذا هي عملَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو، الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ولين جي فيضان جو حصو بہ عطا فرمائي ڇڏيندو. ولايت ۾ دوستي، محبت، قرب ۽ رجوع اليٰ الله جون معنائون پاتيون ويندون آهن تنهنڪري محبت، دوستي، قرب ۽ رجوع اليٰ الله وارا وصف اختيار ڪيا وڃن.

**پهريون عمل اتباعِ سنّت آهي:** جو ولايت خدا جي محبوبيت آهي ۽ خدا جي محبوبيت انهيءَ ڪي ملندي آهي جيڪو ان جي محبوب ڪي محبوب رکندو ۽ محبوب جي محبوب ادائن ڪي ادا ڪندو آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِیْ یُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي حبيب! اوهان فرمايو تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪيو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار بڻجي وڃو الله توهان سان محبت ڪندو ۽ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. (پ3،آل عمرن:31) هي هڪ ئي رستو آهي يعني سنتِ نبوي جنهن تي هلي ڪري ولايت جون منزلون طئي ٿينديون آهن ۽ انهيءَ اتباعِ سنت جو هڪ عظيم حصو شريعت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي هلڻ آهي جنهن جي متعلق الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَ اَنَّ هٰذَا صِرَاطِیْ مُسْتَقِیْمًا فَاتَّبِعُوْهُۚ وَ لَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِیْلِهٖؕ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ هي تہ هيءُ منهنجو سڌو رستو آهي پوءِ ان تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو نہ تہ اهي واٽون توهان کي ان جي رستي کان جدا ڪري ڇڏينديون. (پ8،الانعام:153)

**ٻيو عمل تقويٰ آهي:** تقويٰ گناهن ۽ نفساني خواهشن کان بچڻ جو نالو آهي ۽ تقويٰ کي الله تعاليٰ ولين جي نمايان ترين صِفت جي طور تي بيان فرمايو:

اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِیَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ(۶۲) الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا یَتَّقُوْنَؕ(۶۳)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ٻڌو! بيشڪ الله جي ولين تي نہ ڪجهہ خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. اهي جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا رهيا. (پ11،يونس:62، 63)

**ٽيون عمل دل کي غيرالله کان پاڪ ڪرڻ آهي:** خدا اڪيلو آهي ۽ هو اڪيلائپ کي پسند ڪري ٿو ۽ ايمان جي مڃڻ انهيءَ کي ڏيندو آهي، جيڪو اُن سان سڀ کان وڌيڪ محبت ڪري، جيئن الله تعاليٰ فرمايو:

وَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِؕ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ ايمان وارا سڀ کان وڌيڪ الله سان محبت ڪندا آهن. (پ2،البقرة:165) ۽ حديث ۾ نبي ڪريم

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي دعا تعليم فرمائي: اَللّٰهُمَّ اَسْاَلُكَ اِيْمَانًا يُبَاشِرُ قَلْبِي حَتّٰى اَعْلَمَ اَنْ لَنْ يُصِيْبَنِي اِلَّا مَا كَتَبْتَ لِي وَرِضًا بِمَا قَدَّرْتَ عَلَى ترجمو: اي الله! مان تنهنجي بارگاهه مان اهڙو ايمان ۽ يقين گهران ٿو، جيڪو منهنجي دل ۾ رَچي وڃي، ايستائين جو مان يقين رکان تہ مون کي اهو ئي ڪجهہ پُڄي سگهي ٿو جيڪو تو منهنجي لاءِ لکي ڇڏيو ۽ وڌيڪ جيڪو ڪجهہ تو منهنجي مقدر ۾ لکي ڇڏيو ان تي راضي رهڻ جو سوال ڪيان ٿو. (مسند البزار،19/12)

انڪري الله تعاليٰ جي خاص ٻانهن جي دل هر وقت خدا سان لڳل رهندي آهي، ايستائين جو غافل ماڻهو ڪعبي جي سامهون ويهي ڪري بہ خدا سان جڙيل ناهن هوندا، بلڪ پنهنجي دڪانداري سوچي رهيا هوندا آهن، جڏهن تہ الله جو ولي بازار ۾ سودو وڪڻندي بہ خدا جي ياد دل ۾ سانديو وينو هوندو آهي، الله تعاليٰ فرمايو:

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ

ترجموڪنزالعرفان: اُهي مرد جن کي واپار ۽ خريد ۽ فروخت الله جي ذڪر ۽ نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوٰة ادا ڪرڻ کان غافل نہ ٿي ڪري، (پ18، النور:37) جن جي دل غير جي محبت کان پاڪ هوندي آهي، ڪين عبادت مان لذت ملندي آهي، جيئن حديث ۾ فرمايو: جعلت قرة عينى فى الصلوٰة ترجمو: نماز ۾ منهنجي اکين جي ٺڏاڻ رکي وئي آهي. (مصنف عبد الرزاق، 249/4، حديث:7969) بلڪ نماز اُنهن جو معراج هوندي آهي، جيئن روايت ۾ آهي: الصلوٰة معراج المومن ترجمو: نماز مومن جي معراج آهي- (مرقاة المفاتيح،116/1)

چوٿون عمل حسنِ اخلاق: خدا جي صفتن ۾ ” حَلِيم، سَلَام، وَهَّاب، مُعْطِي، صَبُور، شَكُور، كَرِيم، رَحِيم، رَحْمٰن، غَفَّار ۽ سَتَّار“ آهي، تہ هو ٻانهن ۾ پنهنجي اهڙين صفتن جو عڪس پسند فرمائيندو آهي، پڻ سڄي مخلوق الله جو ڪُٽنب آهي ۽ الله تعاليٰ جي اڳيان سڀ کان پيارو اهو آهي جيڪو ان جي ڪٽنب سان سٺو سلوڪ ڪري. (شعب الايمان،43/6،حديث:7444)

ايئن ئي متقين جي متعلق فرمايو:

وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ درگذر ڪرڻ وارا آهن ۽ الله نيڪ ماڻهن سان محبت فرمائيندو آهي. (پ4،اٰل عمرٰن:134)

پنجون عمل عاجزي آهي: متڪبر خدا کي ناپسند آهن، جيئن فرمايو:

اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿۲۳﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اهو وڏائي ڪندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري. (پ14،النحل:23)

جڏهن ته عاجزي وارا خدا کي پسند آهن، فرمايو:

وَ عِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا

ترجمو کنزالعرفان: ۽ رحمٰن جا اهي ٻانها جيڪي زمين تي (عاجزي سان) آهستي هلندا آهن. (پ19،الفرقان:63) پڻ عاجزي الله جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنَّت آهي ۽ محبوب جي هر ادا خدا کي محبوب آهي. سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فتح مڪ جي موقعي تي ڪنڌ جهڪائيندي مڪي پاڪ ۾ داخل ٿيا. (شرح سنن ابو داؤد لابن رسلان، 43/6) وڌيڪ پاڻ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماتواضع احد لله الا رفعه الله ترجمو: ڪو به شخص الله تعاليٰ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪري، ته الله تعاليٰ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي. (مسلم،ص1071،حديث: 6592)

چهون عمل نفس جو رضاءِ الٰهي تي راضي رهڻ آهي: اولياءِ ڪرام پنهنجي خوشي ۽ خواهش کي خدا جي مرضي تي قربان ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجو سڀ ڪجھ خدا جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. جيئن ته الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ

ترجمو کنزالعرفان: بيشڪ الله مسلمانن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جا مال هن بدلي ۾ خريدي ورتا ته انهن جي لاءِ جنت آهي. (پ11،التوبة:111) ۽ الله تعاليٰ فرمايو:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَ نُسُكِيْ وَ مَحْيَايَ وَ مَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۲﴾

ترجمو کنزالعرفان: اوهان فرمايو: بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ الله جي لاءِ آهي جيڪو سموري جهانن جو رب آهي. (پ8، الانعام:162) ۽ اهڙن جي ئي قول ۽ عمل جي متعلق الله تعاليٰ بيان فرمايو ته اهي چون ٿا:

وَ اُفَوِّضُ اَمْرِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۴۴﴾

ترجمو کنزالعرفان: ۽ مان پنهنجا ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو، بيشڪ الله ٻانهن کي ڏسي ٿو. (پ24،المؤمن:44) ۽ پوءِ اهي ئي رضا ۽ قضاءِ الٰهي تي راضي ۽ مطمئن رهڻ واريون هستيون هونديون آهن جن کي موت جي وقت پڪاريو ويندو آهي:

يٰۤاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿۲۷﴾ ارْجِعِيْۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿۲۸﴾ فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿۲۹﴾ وَ ادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿۳۰﴾

ترجمو کنزالعرفان: اي اطمينان وارا ساهه، پنهنجي رب جي طرف هن حال ۾ موٽي اچ جو تون ان کان راضي هجين هو

تو کان راضي هجي، پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ. (پ30،الفجر:27تا30)

ستون عمل ذکرِ الٰهي کي پنهنجي زندگي جو حصو بڻائڻ: اولياءِ ڪرام جي زندگي جو سڀ کان وڏو عمل خدا جي ياد آهي، چاهي زبان سان هجي يا دل سان يا عضون جي ذريعي هجي، اهي هر وقت الله جي ياد ۾ مشغول رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. الله تعاليٰ فرمايو

الَّذِیْنَ یَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِیٰمًا وَّ قُعُوْدًا وَّ عَلٰى جُنُوْبِهِمْ

ترجموڪنزالعرفان: جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن ڀر ليٽندي الله کي ياد ڪندا آهن. (پ4، آل عمرن: 191) ۽ فرمايو:

وَ الذّٰكِرِیْنَ اللّٰهَ كَثِیْرًا وَّ الذّٰكِرٰتِ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا ۽ ياد ڪرڻ واريون. (پ22،الاحزاب:35) ۽ فرمايو:

فَاذْكُرُوْنِیْۤ اَذْكُرْكُمْ

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندس. (پ2،البقرة:152) ۽ حديثِ قدسي ۾ فرمايو ويو:

انا جليس من ذکرنی ترجمو: جيڪو مون کي ياد ڪري، مان ان سان گڏ هوندو آهيان. (مرقاة المفاتيح، 68/5،تحت الحديث:2285،مصنف ابن ابی شيبه، 66/2، حديث:1231)

الله تعاليٰ اسان کي اولياءِ ڪرام جي پاڪيزه سيرتن جو فيضان عطا فرمائي ۽ اسان الله جي بارگاهه ۾ سندن ولين جي محبت جو سُوال ڪيون ٿا جيڪو سوال اسان کي الله جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيکاريو آهي. اللّٰهم انی اسئلك حبك وحب من يحبك والعمل الذی يبلغنی حبك ترجمو: اي الله! مان تو کان تنهنجي محبت جو سوال ڪيان ٿو، ۽ ان شخص جي محبت جو سوال ڪيان ٿو، جيڪو تو سان محبت ڪري ٿو، ۽ ان عمل جو بہ سوال ڪيان ٿو، جيڪو تنهجي محبت تائين پهچائي. (ترمذی، 296/5، حديث: 3501)

# اسلامي عقائد ۽ معلومات

الله وارن کان مدد (قسط:1)

مولانا عدنان چشتي عطّاري مدني

ڪائنات ۾ رات ڏينهن ٿيڻ وارين وڏين وڏين تبديلين کان وٺي ڪري پنن جي ڳڙڳڙاٽ تائين هر ڪم الله پاڪ جي مرضي، انهيءَ جي قدرت ۽ اختيار سان آهي. ان جي مرضيءَ جي بغير پن نه ته ڇا پر واريءَ جو هڪ ذرو به پنهنجي جڳهه تان نٿو چُري سگهي، تمام طاقتن جو مالڪ اسان جو پيارو پروردگار جڏهن ڪنهن سان راضي ٿي وڃي، ڪنهن تي مهربان ٿي وڃي ته پنهنجي لامحدود اختيارن ۽ قدرتن مان جيترو چاهيندو آهي پنهنجي ان خاص ٻانهي کي عطا فرمائي ڇڏيندو آهي جنهن سان ان جي خزانن ۾ ڪا گهٽتائي ناهي ايندي، نه ئي **معاذ الله** اهو ٻانهو خدا بڻجي ويندو آهي.

الله پاڪ جي اهڙي عطا جا بي شمار نظارا اسان کي انبياءِ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام جي زندگي ۾ صاف نظر ايندا آهن جيئن ته بيمارن کي شفا ڏيڻ وارو الله پاڪ آهي، ان پنهنجي پياري نبي حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام کي ان قدرت جو مظهر بڻائي ڇڏيو جيئن ته قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** مان پيدائشي انڌن کي ۽ ڪوڙهه جي مريضن کي شفاء ڏيندو آهيان ۽ مان الله جي حڪم سان مُئل جياريندو آهيان. (سيپارو 3، آلِ عمران: آيت 49)

حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام فرمائي رهيا آهن مان شفا ڏيندو آهيان، مان زنده ڪندو آهيان گڏوگڏ هن ڳالهه کي به ذڪر فرمائي ڇڏيو ته هي سڀ ڪجهه خود پنهنجي ذاتي طاقت ۽ قوت سان ناهيان ڪندو بلڪ هي سڀ الله پاڪ جي ڏنل طاقت ۽ اختيار سان ئي ڪندو آهيان. جڏهن الله وارا الله پاڪ جي قدرت جا مظهر آهن ته انهن کان مصيبت، پريشاني ۽ ڏکَ سور ۾ مدد گهرڻ بلڪل جائز آهي. ان ڪري جو الله جي مقبول ٻانهن جي مدد اصل ۾ الله ڪريم جي ئي مدد آهي.

**عقيدو:** اسلامي عقيدي جي مطابق



جيڪڏهن ڪو ماڻهو هي عقيدو رکندي انبياءِ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام کان مدد گهري ته هُو الله پاڪ جي اجازت جي بغير بذاتِ خود نفعي ۽ نقصان جا مالڪ آهن ته اهو يقيناً شرڪ آهي جڏهن ته هن جي اُبتڙ جيڪڏهن ڪو شخص حقيقي مددگار ۽ نفعي ۽ نقصان جو حقيقي مالڪ الله پاڪ کي مڃي ڪري ڪنهن کي مجازاً (يعني غير حقيقي طور) ۽ صرف رب جي عطا سان مددگار سمجهندي مدد گهري ته هي بلڪل جائز آهي، هرگز شرڪ ناهي ۽ اهو ئي اسان جو عقيدو آهي.

الله وارن کان مدد گهرڻ جي ترغيب تي هڪ قرآني آيت ملاحظ فرمائيندا:

فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَ جِبْرِیْلُ وَ صَالِحُ الْمُؤْمِنِیْنَ ۚ وَ الْمَلٰٓىٕكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِیْرٌ (۴)

ترجمو ڪنزالعرفان: ته بيشڪ الله پاڻ انهن جو مددگار آهي ۽ جبريل ۽ نيڪ ايمان وارا ۽ ان کان پوءِ ملائڪ مددگار آهن. (سيپارو 28، سورة تحريم: آيت 4)

هن آيت ۾ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ نيڪ مسلمانن کي مولا يعني مددگار فرمايو ويو ۽ فرشتن کي ظهير، يعني معاون قرار ڏنو ويو، جنهن سان روشن ڏينهن وانگر ظاهر آهي ته الله ڪريم جا ٻانها مددگار آهن. جڏهن هي مددگار آهن ته انهن کان مدد گهرڻ به جائز آهي.

الله ڪريم هڪ ٻي مقام تي غيرُالله کان مدد گهرڻ جو حڪم ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اسْتَعِیْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد حاصل ڪريو. (سيپارو 1، سورة بقرة آيت 45)

اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي آيت مبارڪ نقل ڪري فرمائن ٿا:

ڇا صبر خدا آهي جنهن کان مدد جو حڪم ٿيو آهي؟ ڇا نماز خدا آهي جنهن کان مدد جو ارشاد ٿيو آهي. ٻي آيت ۾ فرمائي ٿو:

وَ تَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَ التَّقْوٰى ۪

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ تي هڪٻئي جي مدد ڪيو. (سيپارو 6، سورة مائدة آيت 2)

جو صاحب! جيڪڏهن غيرِ خدا کان مدد وٺڻ مطلقاً محال آهي ته هن حڪمِ الٰهي جو حاصل ڪهڙو، ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي ته جنهن سان مدد ملي سگهي ٿي ان کان مدد گهرڻ ۾ ڪهڙي تڪليف. حديثن جي ته ڳڻپ ئي ناهي جن ۾ صاف صاف مدد گهرڻ جو حڪم آهي ته (1) صبح جي عبادت کان مدد وٺو (2) شام جي عبادت کان مدد وٺو (3) ڪجهه رات ٿئي ان وقت



عبادت کان مدد وٺو (4) علم جي لکڻ کان مدد وٺو (5) سحري کائڻ کان مدد وٺو (6) منجهند جي سمهڻ کان مدد ۽ صدقي کان مدد وٺو (7) حاجتون پوريون ڪرڻ ۾ حاجتون لڪائڻ کان مدد وٺو. (فتاویٰ رضویہ،305/21 ملتقطا)

غيرُ الله کان مدد گهرڻ جي باري ۾ ڪوڙ ساريون حديثون بہ آهن، انهن مان ڪجھ ملاحظ فرمائيندا:

(1) اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِذَا نَفَرَتْ دَابَّةُ اَحَدِكُمْ، اَوْ بَعِيرُهُ بِفَلَاةٍ مِنَ الْاَرْضِ لَا يَرَى بِهَا اَحَدًا فَلْيَقُلْ اَعِينُوا عِبَادَ اللهِ يعني جڏهن توهان مان ڪنهن جي سواري يا اٺ اهڙي ويران جڳهہ ۾ ڀڄي وڃي جتي ڪو ٻانهو نظر نہ اچي تہ توهان هيئن پڪاريو: اَعِينُوا عِبَادَ اللهِ يعني اي الله جا ٻانهؤ! مدد ڪيو! فَاِنَّهُ سَيُعَانُ تہ بيشڪ جلدئي ان جي مدد ڪئي ويندي.

(مصنف ابن ابی شیبہ،384/15، حدیث:30438)

(2) حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا: اِنَّ لِلّٰهِ مَلَائِكَةً فَضْلًا سِوَى الْحَفَظَةِ يَكْتُبُونَ مَا يَسْقُطُ مِنْ وَرَقِ الشَّجَرِ، فَاِذَا اَصَابَتْ اَحَدَكُمْ عَرْجَةٌ فِي سَفَرٍ فَلْيُنَادِ اَعِينُوا عِبَادَ اللهِ رَحِمَكُمُ الله يعني بيشڪ اعمال لکڻ وارن فرشتن کان علاوه الله پاڪ جا ڪجھ اهڙا فرشتا بہ آهن جيڪي وڻ مان ڪِرڻ واري هر هڪ پن کي لکي وٺندا آهن. تہ جڏهن توهان مان ڪنهن کي سفر ۾ رڪاوٽ پيش اچي تہ ان کي گهرجي تہ هيئن پڪاري: اَعِينُوا عِبَادَ اللهِ رَحِمَكُمُ الله يعني اي الله جا ٻانهؤ! مدد ڪيو، الله ڪريم توهان تي رحم فرمائي.

(مصنف ابن ابی شیبہ،345/15، حدیث:30339)

(3) هڪ روايت ۾ غيرُالله کان مدد طلب ڪرڻ جي هيئن ترغيب فرمائي: اُطْلُبُوا الحَوائِجَ اِلَى ذَوِى الرَّحْمَةِ مِنْ اُمَّتِى تُرْزَقُوا وتُنْجَحُوا يعني منهنجي رحم دل اُمّتين کان حاجتون گهرو رزق ۽ مطلوب ماڻي وٺندؤ.

(جامع الصغير ، ص72، حديث:1106)

(4) اُطْلُبُواالْخَيْرَ وَالْحَوَائِجَ مِنْ حِسَانِ الْوُجُوهِ يعني ڀلائي ۽ حاجتون خوبصورت چهري وارن کان گهرو.

(المعجم الكبير، 67/11،حديث:11110)

# غوثِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جون ڪرامتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اها هڪ حقيقت آهي تہ الله پاڪ جنهن جي مٿي تي ولايت جو تاج سجائيندو آهي تہ ان جي ذات مان اهڙين اهڙين شين جو ظهور ٿيڻ لڳندو آهي جو عقلَ حيران ۽ دنگ رهجي ويندا آهن، مثال طور الله پاڪ جي عطا سان اولياءِ ڪرام مُردن کي زنده ڪري سگهن ٿا، الله پاڪ جي عطا سان اولياء ڪرام مريضن کي چڱو ڪندا آهن، الله پاڪ جي عطا سان اولياء ڪرام غيب جي ڳالهين کي ڄاڻي وٺندا آهن، اولياء ڪرام دلين جي زنگ کي پري ڪندا آهن، ۽ اولِياء ڪرام مخلوقِ خدا جي مشڪل ڪشائي بہ ڪندا آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بہ ربّ ڪريم اها طاقت ۽ قدرت عطا فرمائي هئي جو پاڻ پنهنجي نگاهِ ولايت سان پوشيده شين کي ملاحظ ڪري وٺندا هئا، پنهنجي ڪرامت سان بيمارن کي تندرست ڪندا هئا ۽ سندن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ وارو ڪڏهن بہ محروم نہ موٽندو هو. اچو! غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪجھ ڪرامتون ٻڌون ٿا:

### (1) نگاهِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان چور قطب بڻجي ويو:

مَنقُول آهي تہ هڪ ڀيري سَيدُناغوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مَدِينَہ مُنَوَّرَہ کان حاضري ڏئي پيرين اگهاڙي بغداد شريف ڏانهن اچي رهيا هئا تہ راهہ ۾ هڪ چور بيهي ڪنهن مُسافر کي ڦرڻ جو انتظار ڪري رهيو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن ان جي ويجهو پهتا تہ پڇيائون: توهان ڪير آهيو؟ ان جواب ڏنو: ڳوٺاڻو آهيان، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪشف جي ذريعي ان جي مَعصيت (گناهہ) ۽ بدڪرداري کي ڄاڻي ورتو، ان چور جي دل ۾ خيال آيو: ”شايد هي غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ان جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري ان خيال جو بہ علم ٿي ويو، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: هائو مان



عبدُالقادِر آهيان. اهو ٻڌندي ئي اهو چور يڪدم پاڻ رَحمۃُ اللهِ عليه جي مُبارڪ قدمن تي ڪري پيو ۽ ان جي زبان تي يَا سَيِّدِی عَبۡدَالۡقَادِرِ شَيۡئًا لِلّٰهِ (يعني اي منهنجا آقا عبدُالقادر! منهنجي حال تي رحم فرمايو) جاري ٿي ويو.

پاڻ رَحمۃُ اللهِ عليه کي ان جي حالت تي رحم اچي ويو ۽ ان جي اصلاح جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ مُتَوَجِّهِ ٿيا ته غيب مان ندا آئي:”اي غوثِ اعظم! هن چور کي سڌي واٽ ڏيکاريو ۽ هدايت ڏانهن رهنمائي ڪندي ان کي قطب بڻائي ڇڏيو.“ پوءِ پاڻ رَحمۃُ اللهِ عليه جي نگاهِ فيض اثر سان اهو قُطبِيت جي درجي تي فائز ٿي ويو.

(سيرت غوثُ الثقلين،ص۱۳۰)

ترے در سے ہے منگتوں کا گزارا یا شہِ بغداد
یہ سُن کر میں نے بھی دامن پَسارا یا شہِ بغداد

مِری قسمت کا چمکا دو ستارہ یا شہِ بغداد
دِکھا دو اپنا چہرہ پیارا پیارا یا شہِ بغداد

غمِ شاہِ مدینہ مجھ کو تم ایسا عطا کر دو
جگر ٹکڑے ہو دل بھی پارہ پارہ یا شہِ بغداد

مجھے اچھا بنا دو مُرشدی بے شک یقیناً ہیں
مِرے حالات تم پر آشکارا یا شہِ بغداد

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۵۴۲،۵۴۳)

### (2) لَٺ مبارڪ ڏيئي وانگر روشن ٿي وئي

حضرت سَيِّدُنا عَبدُالۡمَلِڪ ڏيّال رَحمۃُ اللهِ عليه بيان ڪن ٿا ته هڪ رات مان غوثِ پاڪ رَحمۃُ اللهِ عليه جي مدرسي ۾ ويٺو هيس ته پاڻ رَحمۃُ اللهِ عليه هڪ لَٺِ، دستِ مبارڪ(هٿ مبارڪ) ۾ ڪٽي پنهنجي گهر کان ٻاهر تشريف وٺي آيا، منهنجي دل ۾ خيال آيو ته ڪاش! غوثِ پاڪ رَحمۃُ اللهِ عليه پنهنجي هن لَٺ جي ذريعي مون کي ڪا ڪرامت ڏيکارين، منهنجي دل ۾ ان خيال جو اچڻ هو ۽ پاڻ پنهنجي لَٺ کي زمين ۾ نوڪي ڇڏيو، ته اها لَٺ ڏيئي وانگر روشن ٿي وئي ۽ ڪافي دير تائين روشن رهي. پوءِ پاڻ رَحمۃُ اللهِ عليه ان لَٺ کي زمين مان ڪڍي ڇڏيو ته اها لٺ جيئن هئي ائين ئي ٿي وئي، ان کان پوءِ حُضور غوثِ پاڪ رَحمۃُ اللهِ عليه جن فرمايو: بس اي ڏيّال! توهان اهو ئي چاهيو پيا؟ (

(بهجة الاسرار، ذکرفصول من کلامه ...الخ،ص۱۵۰)

### (3) هٿ مبارڪ جي ڪرامت:

هڪ ڀيري رات جو سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحمۃُ اللهِ عليه جن سان گڏ حضرت شيخ احمد رِفاعِي ۽ حضرت عَدِي بِن مسافر رَحمۃُ اللهِ عليهم اجمعين حضرت سيِّدُنا اِمام اَحمد بِن حَنبَل رَحمۃُ اللهِ عليه جن جي مزار پرانوار جي زيارت جي لاءِ تشريف کڻي ويا، پر ان وقت اونداهي تمام گهٽي هئي، حضورغوثِ اَعظَم رَحمۃُ اللهِ عليه انهن کان اڳيان اڳيان هلي رهيا هئا، پاڻ رَحمۃُ اللهِ عليه جڏهن ڪنهن پٿر، ڪاٺي، ڀت يا قبر جي ويجهي کان گذرندا هئا ته پنهنجي هٿ مبارڪ سان اشارو فرمائيندا هئا ته ان وقت سندن هٿ مبارڪ چنڊ وانگر روشن ٿي ويندو هو

اهڙي طرح اهي سڀ حضرات پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جي مبارڪ هٿ جي روشني جي ذريعي حضرت سيِّدُنا اِمَام اَحمد بِن حَنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جي مزار مبارڪ تائين پهچي ويا. (قلائدالجواهر،ص٧٧ ملخصا)



مفتي ابو محمد علي اصغر عطّاري مدني

# احکامِ تجارت

## (1) اسڪول وارن جو ٻارن کان زبردستي پيسا طلب ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته هڪ پرائيويٽ اسڪول آهي. جنهن ۾ ٻارن جي امتحان جو سلسلو ٿيندو آهي. امتحان ٿيڻ کان بعد، جڏهن رزلٽ ايندو آهي، ته هر ڪلاس جي پوزيشن کٽڻ وارن شاگردن ۾ انعامات ورهايا ويندا آهن. انعامات جي رقم حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسڪول جي طرفان هر ٻار جي گهر وارن کي پابند ڪيو ويندو آهي ته مثال طور اهي 100 رپيا ڪٽي اچن ۽ هي پيسا ڪٽي اچڻ هر ٻار تي لازم ۽ ضروري هوندو آهي. ان کان بعد جيتري رقم گڏ ٿي ويندي آهي، ان مان انعامات خريد ڪيا ويندا آهن. پڇڻو هي آهي ته اسڪول وارن جو هن طرح پيسا گڏ ڪرڻ، درست آهي يا نه؟ شرعي رهنمائي فرمائيندا.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَاب

**جواب:** پڇيل صورت ۾ اسڪول وارن جو زبردستي پيسن جو مطالبو ڪرڻ، شرعاً جائز ناهي ۽ اجايو مسلمانن جي مال کي ناحق وٺڻ آهي، جنهن جي شريعت مطهره ۾ اجازت ناهي، لهٰذا اسڪول وارا جيڪڏهن ٻارن ۾ انعامات ورهائڻ چاهين ٿا، ته ان جي لاءِ پنهنجي اسڪول جي آمدن مان اخراجات ڪڍي ڪري انعامات خريد ڪن، ان جي لاءِ ٻارن جي والدين کان زبردستي پيسن جو مطالبو نه ڪن.

ڪنهن جو مال ناحق کائڻ جي بابت ردُ المحتار ۾ آهي: ”لايجوز لاحد من المسلمين اخذ مال احد بغير سبب شرعی“ ترجمو: ڪنهن مسلمان جي لاءِ هي جائز ناهي ته بنا ڪنهن شرعي سبب جي ڪنهن جو مال وٺي. (ردالمحتار،106/6)

باقي جيڪڏهن اسڪول وارا صرف چندي يا فنڊ جي طور تي هي رقم وصول ڪندا آهن جو صرف ترغيب ڏين ٿا ڪنهن طرح جي ڪا سختي نه ٿا ڪن جيڪو جمع ڪرائي ته نيڪ نه ته انهن جي مرضي ته



اهڙي صورت اختيار ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2) مضارب جو ملازمين جي پگھار ۾ اضافو ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته زيد ڪجھ رقم بطور مضاربت بکر کي ڏني. بکر ان رقم مان ڪم شروع ڪيو ۽ ضرورت جي بنياد تي ڪجھ ملازمَ به رکي ورتائين. بکر جو ارادو آهي ته هو انهن ملازمن جون پگھارون وڌائي، پر اهو زيد کي ٻڌائڻ نه ٿو چاهي، ڇو جو ٻڌائڻ جي صورت ۾ زيد اجرت وڌائڻ کان منع ڪري ڇڏيندو. سوال هي آهي ته ڇا بکر کي شرعي طور تي هي اختيار آهي ته زيد کي ٻڌائڻ بغير پنهنجي ملازمن جون پگھارون وڌائي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پڇيل صورت شرعي طور تي مضاربت جي ٻڌجي ٿي. جنهن ۾ زيد جي حيثيت رب المال ۽ بکر جي حيثيت مضارب جي ٻڌجي ٿي. عقدِ مضاربت کان مضارب کي جن ڪمن جي اجازت ملندي آهي. انهن مان هڪ ڪم اجارو به آهي يعني حسبِ ضرورت مضارب پنهنجي لاءِ ملازمَ به رکي سگھي ٿو ۽ مارڪيٽ جي مطابق انهن جي پگھار به طئي ڪري سگھي ٿو. لهٰذا جيڪڏهن بکر ان ڳالھ جي حاجت محسوس ڪندو هجي ته ملازمن جي پگھارن ۾ اضافو ڪرڻ گھرجي، ته ڪري سگھي ٿو، پر ايترو گھڻو اضافو نه ڪري جو جنهن سان تمام گھڻو نقصان پهچي. جيڪڏهن مارڪيٽ جي عرف کان هٽي ڪري اجرت ۾ تمام گھڻو اضافو ڪندو، ته ان تي تاوان لازم ٿيندو.

بهار شريعت ۾ آهي: ”مضارِب اهڙو ڪم نه ٿو ڪري سگھي جنهن ۾ نقصان هجي.“ (بہارِ شریعت،9/3)

بهارِ شريعت ۾ آهي: ”مضارِب حاجت کان وڌيڪ خرچ ڪيو اهڙين جاين تي جيڪي تاجرن جي عادت ۾ ناهن ان تمام خرچ ڪيل مال جو تاوان ڏيڻو پوندو.“ (بہارِشریعت،23/3)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) ڪِرائي تي ڏنل گھر وڪڻي ڇڏڻ

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته زيد پنهنجو گھر بکر کي هڪ سال جي لاءِ ڪِرائي تي ڏنو هو. تقريباً ڇهن مهينن کان بعد زيد کي هڪ سنو خريدار مليو، ته زيد خريدار کي



تفصيل ٻڌائي ڪري گهر وڪڻي ڇڏيو ته هي گهر ڪِرائي تي ڏنل آهي ۽ اڃان ڇهه مهينا باقي آهن، پر پنهنجي ڪِرائي دار بڪر کي نه ٻڌايائين ته مان هي گهر وڪڻي رهيو آهيان. جڏهن بڪر کي خبر پئي، ته چوڻ لڳو ته منهنجو ته ايگريمنٽ هڪ سال جو آهي، سال مڪمل ٿيڻ کان پهريان مان گهر خالي نه ڪندُس، بلڪ سال مڪمل ٿيڻ کان پوءِ گهر خالي ڪندُس. سوال هي آهي ته بڪر جو اهو گهر خالي نه ڪرڻ تي اصرار ڪرڻ درست آهي يا نه؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ بڪر جو مطالبو درست آهي، ڇو جو زيد جڏهن پنهنجو گهر هڪ سال جي لاءِ بڪر کي ڏنو هو، ته هاڻي ان تي پنهنجي معاهدي جي پاسداري ڪرڻ ضروري هو، پر جڏهن ان هي گهر وڪڻي ڇڏيو، ته ان گهر جو وڪڻڻ توڙي جو پنهنجي جڳهه تي درست آهي، پر بڪر سان ڪيل معاهدي جي وجهه سان هي بيع (خريد و فروخت) مڪمل طور تي نافذ نه ٿي، بلڪ بڪر جي اجازت تي موقوف ٿي وئي، ڇو جو ان گهر ۾ بڪر کي رهڻ جو حق حاصل آهي. البت خريدار کي هي حق حاصل هوندو ته بڪر جو گهر خالي نه ڪرڻ جي سبب جيڪڏهن هو چاهي، ته ڇهه مهينا انتظار ڪري ۽ ڇهه مهينن کان بعد گهر جي رقم زيد جي حوالي ڪري گهر وٺي ۽ چاهي ته هاڻي ئي يڪدم بيع کي ئي فسخ ڪري ڇڏي.

(ماخوذ از: بدائع الصنائع،68/4، رد المحتار،324/7)

بهارِ شريعت ۾ آهي: ”جيڪا شيءِ رهن رکي آهي يا ڪنهن کي اُجرت تي ڏني آهي ان جي بيع مُرتهن يا مُستاجر جي اجازت تي موقوف آهي يعني جيڪڏهن جائز ڪندا ته جائز ٿي ويندي... ۽ مشتري چاهي ته بيع کي فسخ ڪري سگهي ٿو... مستاجر بيع کي جائز ڪري ڇڏيو ته بيع صحيح ٿي وئي پر ان جي قبضي مان نه ٿا ڪڍي سگهو جيستائين ان جو مال وصول نه ٿي وڃي.“

(بهار شريعت،731/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## دڪان وڪڻندي گُڊوِل (Goodwill) جا پيسا الڳ سان وٺڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته هڪ شخص دڪان وڪڻي رهيو آهي ۽ اهو چئي رهيو آهي ته ڇو ته هتي منهنجو دڪان ڪافي عرصي کان هو ۽ سيٽ ٿيل دڪان آهي ان ڪري مان گُڊوِل (Goodwill) جا الڳ سان پيسا وٺندُس. ڇا هي شخص سودي ۾ ايئن گڊول جا الڳ سان پيسا گهري سگهي ٿو؟



اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: شرعي اعتبار سان گڏول (Goodwill) جا الگ سان پيسا مقرر نہ ٿا ڪري سگهون ڇوتہ گڏول ڪو مال ناهي بلڪ ان جي حيثيت صرف منفعت جي آهي جنهن جي عوض ۾ الگ سان پيسا وٺڻ جائز ناهي.

پڇيل صورت ۾ فريقين جي لاءِ شرعي تقاضا پورا ڪرڻ نهايت ئي آسان آهي دڪان ۽ گُڏِول (Goodwill) جي قيمتن کي الگ الگ فرض نہ ڪن بلڪ وٺڻ وارو تمام فائدن کي سامهون رکندي پنهنجي هڪ قيمت بيان ڪري ڇڏي ۽ وڪڻڻ وارو چاهي تہ قبول ڪري چاهي تہ قبول نہ ڪري. بنا شڪ جي اهو دڪان جيڪو ڪارنر هجي وچين دڪان کان وڌيڪ مهانگو هوندو آهي پر ان جو مطلب هي ناهي تہ دڪان جا پيسا الگ لڳايا ويندا هجن ۽ ڪارنر هجڻ جا الگ، بلڪ مجموعي طور تي هڪ قيمت آفر ڪئي ويندي آهي ۽ آسانيءَ سان سودو ٿي ويندو آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلهٖ وسلَّم

# ربیع الآخر

## جا کجھ اھم واقعات

6 ربیعُ الآخر 1370ھ یومِ وصال خلیفۂ اعلیٰ حضرت، فقیہِ اعظم محمد شریف محدثِ کوٹلوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌیڪ معلومات جي لاءِ ”ماھوار فیضانِ مدینہ“ ربیعُ الآخر 1439ھ پڙهندا.

11 ربیعُ الآخر 561 یومِ وصال غوثِ اعظم شیخ عبدالقادر جیلاني حسني حسیني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌیڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فیضانِ مدینہ ربیعُ الآخر 1438 کان 1443ھ ۽ مکتبۃُ المدینہ جو ڪتاب ”غوثِ پاڪ جا حالات“ پڙهندا.

17 ربیعُ الآخر 701ھ یومِ وصال کامل ولي حضرت سیّد محمد شاہ دولھا سبزواري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌیڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فیضانِ مدینہ ربیعُ الآخر 1439ھ پڙهندا.

18 ربیعُ الآخر 725ھ یومِ وصال سلطانُ المشائخ حضرت خواجہ نظامُ الدین اولیا رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌیڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فیضانِ مدینہ ربیعُ الآخر 1439ھ پڙهندا.

21 ربیعُ الآخر 1252ھ یومِ وصال خاتمُ الفقھاء حضرت علاّمہ سیّد محمد اَمین ابنِ عابدین شامي قادري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌیڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فیضانِ مدینہ ربیعُ الآخر 1439ھ پڙهندا.

25 ربیعُ الآخر 1046ھ یومِ وصال قُطبِ عالَم حضرت سیّد عالَم شاہ بخاري سھروردي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌیڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فیضانِ مدینہ ربیعُ الآخر 1441ھ پڙهندا.

29 ربیعُ الآخر 627ھ یومِ وصال صوفي بزرگ حضرت شیخ فریدُ الدّین محمد عطار رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌیڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فیضانِ مدینہ ربیعُ الآخر 1441ھ پڙهندا.

ربیعُ الآخر 4ھ وصال مبارڪ اُمُّ المؤمنین حضرت سیّدتنا زینب بنتِ خُزیمہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا وڌیڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فیضانِ مدینہ ربیعُ الآخر 1438، 1439ھ ۽

مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب ”فيضانِ امّھات المؤمنين“ پڙھندا.

ربيعُ الآخر 6ھ شھداءِ سَريہءِ محمد بن مسلمہ، رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 10 صحابہءِ ڪرامِ ڪي ذُوالقَصّہ جي قبيلي وارن ڪي مارڻ جي لاءِ موڪليو ان سَريہ ۾ اڪثر صحابہءِ ڪرام شهيد ٿيا وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الآخر 1442ھ پڙھندا.

ربيعُ الآخر 65ھ شھادت مبارڪ صحابيءِ رسول حضرت سيدنا سُليمان بن صُرَد خُزاعي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماھوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الآخر 1439ھ پڙھندا.

اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

”ماھوار فيضانِ مدينہ“ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net ۽ موبائل ايپليڪيشن تي موجود آهن.

# ربيع الآخر 1444ھ جي مدني مذاڪري جا سوال جواب

## روزانو قرآن پاڪ پڙهو

سُوال: روزانو ڪيترو قرآن پاڪ پڙهڻ گهرجي؟

جواب: جيڪڏهن روزانو پورو قرآن پاڪ به پڙهڻ چاهيو ته پڙهي سگهو ٿا البت شجره قادريه ۾ روزانو هڪ سيپارو تلاوت ڪرڻ جو لکيل آهي ته جيئن هڪ مهيني ۾ هڪ پيرو قرآن ڪريم ختم ٿي وڃي. اسان جي جامعاتُ المدينه جا ڪجھ شاگرد اهڙا به آهن جيڪي روزانو قرآن ڪريم جي هڪ منزل ختم ڪندا آهن. قرآن ڪريم ۾ ست منزلون آهن ته هو ستن ڏينهن ۾ قرآن ڪريم ختم ڪري وٺندا آهن بهرحال جيترو پڙهي سگهو ٿا پڙهو ۽ ڪوشش ڪريو جيسيتائين دل لڳل رهي پڙهندا رهو، روزانو هڪ منزل پڙهو ته مدينه مدينه.

(مدنی مذاکره، 6صفرالمظفر 1441ھ)

## يارهين جو نياز ڪرائڻ جون صورتون

سوال: يارهين شريف جو نياز رشتيدارن کي گهرائي ڪارائي وڃي يا ڊبن ۾ پيڪ ڪري غريبن ۾ تقسيم ڪري ڇڏجي؟

جواب: ٻئي صورتون صحيح آهن. سيني کي سَڏي ڪارائڻ ۾ جيڪڏهن ”اجتماعِ خير“ ڪرڻ ممڪن هجي، جيئن تلاوت، نعت شريف ۽ سنّتن ڀريو بيان ٿئي، پڻ اچڻ وارن کي مان ۽ عزّت ڏني وڃي ته بهتر ترڪيب آهي، هن ۾ پيا به ثواب جا ڪم ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن ايئن هجي ته سڏي ڪارائڻ ۾ محدود (ٿورا) ماڻهو ايندا، پر جيڪڏهن ڊبا ٺاهي ڪري گهرن ۾ تقسيم ڪيا ويندا ته گهر جو هر فرد مثلاً اسلامي ڀينرون ۽ ننڍڙا ٻار به نياز کائي وٺندا ته ايئن به ڪري سگهجي ٿو.

(مدنی مذاکره، 8ربیع الآخر 1441ھ)

## ”ماهِ فاخر“ جو ڇا مطلب آهي؟

سُوال: ”مَاهِ فاخر“ ۽ ”قطبِ رَبَّاني“ جو ڇا مطلب آهي؟

جواب: ”ماهِ فاخر“ يعني اهڙو مهينو



جنهن تي فخر ۽ ناز ڪيو وڃي، وڏي اعليٰ درجي جو مهينو. ”قُطبِ رَباني“ يعني الله جي طرفان مقرّر ڪيل قطب

جيڪا به ولايت قطبيت، غوثيت ۽ ابداليت هوندي آهي هي سڀ الله پاڪ جي طرفان عطا ٿيندي آهي. جيڪڏهن غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن کي قطب بڻايو جيئن چور کي قطب بڻائي ڇڏيو هو ته اهو به حقيقت ۾ الله پاڪ جي ئي طرف کان هو جو الله پاڪ کين هيءَ طاقت ڏني جو سندن ان کي قطب بڻائي ڇڏيو.

(مدنی مذاکرہ، 7ربیع الآخر 1441ھ)

## ”ايترين نيڪيون به نه ڪيو جو خدا جي جَزا گهٽ پئجي وڃي“ چوڻ ڪيئن آهي؟

سُوال: ڪنهن چيو ته ”ادا! ايترين نيڪيون به نه ڪيو جو خدا جي جَزا ”گهٽجي وڃي“ ايئن چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِالله! هي ظاهر ڪفر آهي. ڪنهن هي جملو مذاق ۾ چيو هوندو پر مذاق ۾ چيو ويندڙ ڪفر به ڪفر ئي هوندو آهي. توبہ اَسْتَغْفِرُ الله! ايئن سوچڻ به نه گهرجي ۽ مسلمان اهڙو سوچي به نٿو سگهي. هي بري صحبت ۽ فلمي ڊائيلاگ ٻڌڻ جو نتيجو ٿي سگهي ٿو. الله پاڪ ڪرم فرمائي ۽ اسان جو ايمان سلامت رکي. (مدنی مذاکرہ، 5محرم الحرام1441ھ)

## مَڪّار ڪنهن کي چوندا آهن؟

سوال: مَڪّار ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: مڪار جي معنيٰ ”دوکيباز“ آهي. ڪنهن مسلمان کي مڪّار چوڻ هڪ طرح جي گار آهي ۽ هن ۾ مسلمان جي توهين به آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي مڪار چيو ته ان کان معافي به گهرو ۽ توبہ به ڪيو.

(مدنی مذاکرہ، 28جُمادَی الاُخریٰ 1441ھ)

## زال جو مڙس کي گهٽ پڙهيل لکيل جو طعنو ڏيڻ ڪيئن آهي؟

سُوال: زال پنهنجي مڙس کي چوي مان وڌيڪ پڙهيل لکيل آهيان ۽ تون مون کان گهٽ پڙهيل لکيل آهين، ڇا اهڙي طرح چئي ڪري هوءَ ان جي تَذليل ڪري سگهي ٿي؟

جواب: اَسْتَغْفِرُالله! ايئن چوڻ سان مڙس جي دل ڏکي سگهي ٿي. هن عورت وٽ ڪاغذ جي لکيل سند هوندي پر اڪثر مڙس وٽ وڏو تجربو هوندو آهي پلي ڪٽي پڙهيو لکيو نه هجي. بهرحال اهڙي طرح ڪنهن کي چوڻ سخت دل آزاري جو سبب بڻجي سگهي ٿو. مان پاڻ وٽ ملاقات لاءِ تشريف کڻي ايندڙ ۽ اسلامي ڀائرن کي ڏيڻ جي لاءِ رسالو رکندو آهيان، ڪنهن وقت



ايئن بہ ٿيندو آهي تہ ڪنهن کي رسالو ڏيڻ لڳندو آهيان تہ بيو اسلامي ڀاءُ چوندو آهي هِن کي اردو ناهي ايندي، مون اهڙن کي سمجهايو آهي تہ ايئن نہ چوندا ڪيو ڇو تہ هن سان سامهون واري جي دل ڏکي سگهي ٿي، ظاهر آهي پاڪستان ۾ رهندڙ کي اردو پڙهڻ لکڻ نہ اچي تعجب جي ڳالهہ آهي، ها جيڪڏهن هو پاڻ چئي ڇڏي تہ مون کي اردو نہ ٿي اچي تہ الڳ ڳالهہ آهي. مون اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا آهن جيڪي بهترين انگريزي ڄاڻيندا آهن، عام پڙهيو لکيو شخص حيران رهجي وڃي پر اها اردو ۾ ڪمزور هوندا آهن.

(مدنی مذاکرہ، 7ربیعُ الآخر 1441ھ)

## نُنهن جي دروازي تي ڪچرو رکڻ واري سَس

سُوال: جيڪڏهن سَسُ مٿين منزل تي رهندي هجي ۽ پنهنجي گهر جو ڪچرو ڪنهن ٿيلهي ۾ وجهي ڪري ننهن جي دروازي تي رکي ڇڏيندي هجي تہ ننهن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: نُنهن کي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ ڪچرو کڻي ڪري ڪچري ڪنڊي ۾ ڦٽو ڪري ڇڏي. جيڪڏهن هِيءَ سَس سان وڙهندي تہ گهر جو سڪون برباد ٿي ويندو ۽ صبر جي صورت ۾ ملندڙ اجر بہ ويندو رهندو، انهيءَ ڪري پنهنجي سَس جي خدمت ۽ دلجوئي ڪري. باقي سَس هي سڀ ڪجھ ننهن کي ستائڻ لاءِ ٿي ڪري تہ اها گنهگار ٿيندي.

## دورانِ اَذان ڳالهائڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڇا دورانِ آذان ڪاڏو ڪائي سگهجي ٿو؟

جواب: جيڪڏهن پهريان ڪان ڪاڏو ڪائي رهيا آهن تہ ڪائڻ جاري رکي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اَذان ڪان پهريان ڪائڻ شروع ناهي ڪيو تہ بهتر اهو ئي آهي تہ اَذان جو جواب ڏي ۽ پوءِ ڪائڻ شروع ڪجي. جيڪڏهن ڪائڻ روڪي ڪري اَذان جو جواب ڏيڻ چاهي تہ ڏئي سگهجي ٿو جو اَذان جو جواب ڏيڻ وڏو ثواب جو ڪم آهي.

(مدنی مذاکرہ، 6صفرالمظفر 1441ھ)



# محبت ڇو ۽ ڪنهن سان؟

مولانا آصف اقبال
عطاري مدني

حقيقي محبت اهڙي منزل آهي جتي شوق رکڻ وارا پهچڻ چاهن ٿا، هي دلين جي خوراڪ، روحن جي غذا، ۽ اکين جي ٿڌاڻ آهي، هي اها زندگي آهي جنهن کان محروم شخص مُردن ۾ شمار ٿيندو آهي، هي اهو نور آهي جنهن ان کي وڃايو اهو انڌيرن ۾ ڀٽڪندو وتندو آهي، هي اهڙي شفا آهي جنهن کان محروم رهڻ واري جي دل ۾ گهڻيون بيماريون گهر ڪري وينديون آهن،

هي اها لذت آهي جيڪو ان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو ان جي سموري زندگي غمن ۽ تڪليفن ۾ گذرندي آهي. هي اهڙو نشو آهي جنهن ۾ مبتلا ٿيڻ وارو محبوب کي ڏسندي ئي هوش ۾ ايندو آهي، محبت ئي تہ آهي جيڪا ايمان، اعمال، مقامن ۽ احوالن جو روح آهي، جيڪڏهن انهن مان محبت نڪري وڃي پوءِ هي سڀ بغير روح جي جسمن وانگر رهجي وڃن-



محبت ڇا آهي؟؟ ڪنهن چيو: محبوب موجود هجي يا غائب ڪنهن بہ نموني ان جي موافقت ڪرڻ محبت آهي ڪو چئي ٿو: محبت ڪرڻ واري جون صفتون مٽجي وڃن ۽ محبوب جي ذات ۽ صفتن ۾ فنا ٿي وڃن، هيءُ آهي محبت- ڪنهن چيو: پنهنجي طرف کان گهڻي کي گهٽ ۽ محبوب جي طرف کان گهٽ کي گهڻو سمجهڻ محبت آهي. ڪنهن جي ويجهو محبت هيءُ آهي تہ پنهنجي ننڍڙي غلطي کي وڏو ۽ پنهنجي اطاعت کي گهٽ سمجهڻ.

ڪنهن ٻڌايو: اطاعت اپنائڻ ۽ مخالفت ڇڏي ڏيڻ محبت آهي. هڪڙي تہ هيستائين فرمايو: تون پنهنجو سڀ ڪجھ پنهنجي محبوب کي ڏئي ڇڏ ۽ تنهنجي لاءِ ڪجھ بہ نہ بچي، مطلب پنهنجو ارادو، جان مال، وقت سڀ ڪجھ محبوب جي حوالي ڪري ڇڏ بس اها

ئي محبت آهي. هي بہ چيو ويو آهي: دل تان پنھنجي محبوب جي علاوه هر ڪنھن جي ياد مٽائي ڇڏ.

هڪ عاشق تہ حد ڪري ڇڏي: چيائين: محبت هيءَ آهي تہ توکي پنھنجي محبوب جي متعلق هيءَ غيرت هجي تہ تو جھڙو ماڻھو هن سان محبت ڪري ٿو، مطلب تون پاڻ کي حقير ڄاڻين ۽ ڪمتر سمجھين يا هيءُ سمجھين تہ تو جھڙو شخص هن محبوب سان محبت ڪرڻ وارن ۾ شامل آهي.

ڪنھن محبت وارن کي هيءُ ٻڌايو. تنھنجو مڪمل طور تي ڪنھن شيءِ ڏانھن مائل ٿيڻ وري ان کي پنھنجي نفس، روح ۽ مال تي ترجيح ڏيڻ وري ظاهر ۽ باطن ۾ هن جي موافقت ڪرڻ ۽ وري بہ سمجھڻ تہ تو هن جي محبت ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. هي آهي محبت ۽ عشق.

محبت ڇو ٿيندي آهي؟ وجھ ڇا آهي؟ سبب ڪھڙو آهي؟

ڪارڻ ڪھڙو آهي؟ صورت سھڻي هجي تہ محبت ٿي ويندي آهي، سٺي آواز سان محبت ٿي ويندي آهي، سٺي منظر سان محبت ٿي ويندي آهي، ڪنھن جي طاقت پنھنجي محبت ۾ جڪڙي ڇڏيندي آهي،

ڪو احسان ڪري ڇڏي تہ محبت ٿي ويندي آهي، ڪو جان بچائي، مشڪل مان ڪڍي، تنگي دور ڪري ڇڏي تہ ان سان محبت ٿي ويندي آهي، ڪڏهن ڪنھن جو علم ۽ دانشوري بہ محبت ۾ گرفتار ڪري ڇڏيندا آهن، وري محبت جا تقاضا بہ آهن صاحب! دل محبوب ڏانھن سفر ۾ لڳل رهندي آهي، زبان ذڪرِ محبوب سان تر هوندي آهي، ڇو تہ هن حقيقت ۾ ڪا ٻئي راءِ ناهي تہ جنھن سان محبت ٿي وڃي ان جو ذڪر ڪثرت سان ڪيو ويندو آهي، محبوب جي ڳالھ مڃي ويندي آهي، ان جي موافقت ڪئي ويندي آهي، جيڪو محبوب کي سٺو نہ لڳي ان کان ڪنارو ڪيو وڃي ٿو، محبوب جون ناپسنديده شيون ڇڏيون وينديون آهن، ۽ جنھن کان محبوب صاف منع ڪري ڇڏي ان کان تہ بلڪل منھن موڙڻو پوندو آهي، نہ تہ محبت ۾ ڪوڙو ٿي پوندو آهي، جڏهن محبت اهڙي من کي وڻندڙ ۽ احترام واري شيءِ آهي تہ پوءِ ڪو پٿر دل بي ذوق ۽ بي حس ئي هوندو جيڪو هن کي نہ اپنائي، ۽ ڇو نہ اپنائي جو هي انساني فطرت ۾ شامل هڪ جذبي جو نالو آهي، مختلف شيون انسان کي متاثر ڪنديون آهن ۽ هو انھن سان محبت ڪرڻ لڳندو آهي.

پر ترسو! ٿورو سوچيو! هيءَ ڪھڙي محبت آهي جنھن ٻانھي کي پنھنجي خالقِ حقيقي کان دور ۽ دين کان بيزار ڪري ڇڏيو آهي جنھن صحيح ۽ غلط جي سڃاڻ مِٽائي ڇڏي آهي جنھن رهڻي ڪھڻي جون جڙون ڪوڪليون ڪري ڇڏيون، جنھن هڪ خوبصورت جذبي کي نفساني خواهش جي تڪميل تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي، جنھن محبت کي زوجيت جي دائري مان ڪڍي ڪري هڪ غير فطري دائري ۾ داخل ڪري ڇڏيو

آهي. هجڻ ته هي کپي ها ته دلين ۾ محبت جو سچو جذبو پيدا ڪيو وڃي پر هي ڇا؟ محبت جي نالي تي برائي ۽ بيحيائي کي فروغ ڏنو ويو، هن کي محبت چوڻ محبت جي توهين آهي محبت جي نالي تي داغ آهي محبت کي بدنام ڪرڻ آهي ها ان نفس کي "وقتي تسڪين" ڏيڻ ۽ ذهني سڪون جي "مصنوعي حل" جي ناڪام ڪوشش ضرور چئي سگهجي ٿو. حقيقي محبت ته هيءَ آهي جو توهان پنهنجي خالق ۽ مالڪ رب ڪريم سان محبت ڪيو پنهنجي پياري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم سان عشق ڪيو جو جنهن کي پنهنجي امت سان بيمثال محبت آهي محبت هجي ته حضراتِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام سان هجي محبت ڪرڻي آهي ته اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی سان ڪيو، صالحن سان ڪيو، متقي ۽ پرهيزگارن سان ڪيو، پنهنجي والدين سان ڪيو، زال ۽ ٻارن سان ڪيو، ڀيڻ ڀائرن سان ڪيو، دوست احبابن سان ڪيو، غريبن سان ڪيو اهي ئي ته ڪم جون محبتون آهن برڪت واريون، رحمت واريون، عافيت واريون، سلامتيءَ واريون، خير واريون، ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ فائدي واريون آهن.

هن بابِ محبت ۾ حرفِ آخر ڇئي ڇڏيان؟ پوءِ ٻڌو! محبت جو حقيقي اظهار عمل جو طالب آهي الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم سان محبت ايمان ۽ اطاعت سان سجاتي ويندي آهي والدين سان محبت ان جي خدمت ۾ پوشيده آهي اولاد سان محبت ان جي اعليٰ تربيت ۾ لڪيل آهي ۽ انسانن سان سچي محبت هر ڏک سک ۾ انهن جي ڪم اچڻ جو مطالبو ڪندي آهي. سچي محبت قرباني ۽ هڪ ٻئي جي خيرخواهي جو مطالبو ڪندي آهي...

# خوابن جي دنيا

مولانا اسد عطاري مدني

قارئين جي طرفان موڪليل
ڪجھ منتخب خوابن جون تعبيرون

خواب: منهنجي ماسي پنهنجي والد مرحوم (جيڪو 15 سال اڳ وفات ڪري ويو) کي خواب ۾ ڏٺو تہ هو مري ويو آهي، جڏهن انهن کي قبر ۾ رکيو وڃي ٿو تہ انهن جي قبر ننڍي (يعني تنگ) ٿي وڃي ٿي ۽ اهي قبر ۾ ئي هيڏي هوڏي تنگون هڻڻ شروع ڪن ٿا، ۽ منهنجي ماسي کي چون ٿا تہ مون کي قبر مان ڪڍو، منهنجي قبر ننڍي آهي، ان تي منهنجي ماسي (خواب ۾) ڏاڍي روئڻ لڳي ٿي ۽ سندن اکيون کلي وڃن ٿيون.

تعبير: اللہ تعالیٰ ان جي مغفرت فرمائي ۽ قبر جي منزل آسان ڪري، فوت شده کي خراب حالت ۾ ڏسڻ سنو ناهي هوندو، بهرحال توهان ان جي لاءِ دعا ۽ ايصال ثواب ڪريو ۽ ان جي نمازن ۽ روزن جو فديو بہ ادا ڪريو.

خواب: ڪيترائي سال اڳ مون خواب ڏٺو تہ منهنجو مرشد ڪريم حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتھم العاليہ ۽ مان هڪ وڏي ميدان ۾ اڪيلا آهيون، هر طرف اونده ۽ خاموشي ڇانيل هئي، اوچتو هڪ تمام گهٽي روشني چمڪي، ان جي تعبير ڇا آهي.؟

تعبير: توهان جو خواب سنو آهي، توهان کي امير اهل سنت زيد مجده جي برڪت ملندي، توهان انهن جي فرامين تي عمل ڪندا رهو، ترقي، خوشحالي ۽ ڀلائي توهان جو مقدر ٿيندي، اِنْ شَآءَ اللّٰہ

خواب: مان پنهنجي گهر جون ڏاڪڻون چڙهي رهي هئس تہ ايتري ۾ منهنجو مگيندو (جنهن سان مگڻي ڪئي

وئي هجي ) اڇي ويو، منهنجي نناڻ ( يعني مڙس جي ڀيڻ) کين چوي ٿي تہ فلاڻي عورت ڀيڻ تي جادو ڪرائي رهي آهي، جيڪڏهن هن کي روڪي سگهين ٿو تہ روڪينس ٻي صورت ۾ هو اسان تي جادو ڪرائيندي، اهو ٻڌي مان هن عورت جي گهر وڃڻ لاءِ نڪران ٿي، رستي ۾ ان عورت جو ڀاءُ ملي ٿو، مون ان کان پڇا ڪئي تہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين.؟ هن چيو تہ مان هي تعويذ ڪٽي وڃي رهيو آهيان ۽ تعويذ ڏيکاري ٿو، پوءِ مان ان عورت جي گهر پهچي وڃان ٿي.

تعبير: خواب جي بنياد تي ڪنهن جي متعلق جادو ڪرائڻ جو حڪم نٿو لڳائي سگهجي، ڪڏهن ڪڏهن شيطان مسلمانن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ جي خاطر اهڙا خواب ڏيکاريندو آهي، تنهنڪري توهان ان خواب کي اهميت نہ ڏيو بلڪ رشتي جي معاملي ۾ جيڪي ظاهري اسباب اختيار ڪيا وڃن ٿا انهن جي مطابق ئي معاملات طئي ڪرڻ گهرجن، جڏهن تہ پنهنجي حفاظت جي لاءِ وظيفا پڙهڻ ۽ تعويذات وغيره استعمال ڪرڻ ضرور فائديمند رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

# اسان جاهيرو

ابوحفص مدني

اڄ اسڪول کان واپسي تي چوٽو ڏاڍو خوش هو ۽ امڙ سائڻ ۽ پياري ڏاڏي کي ٻڌائڻ نہ پنهنجي جاءِ تي پر گهر ۾ اچڻ وڃڻ واري هر هڪ مهمانن کي بہ وڏي جوش سان ٻڌائي رهيو هو تہ ايندڙ جمعي تي منهنجي اسڪول ۾ بزمِ اَدب ٿي رهي آهي جنهن ۾ نعتِ رسول مقبول پڙهڻ جي لاءِ منهنجو نالو منتخب ڪيو ويو آهي. اصل مرحلو تہ هر ايندڙ ويندڙ کي پنهنجي خوشي ٻڌائڻ کان پوءِ شروع ٿيو هو تہ آخرڪار بزمِ ادب ۾ نعت ڪهڙي پڙهي وڃي"سب سے اولیٰ واعلیٰ ہمارا نبی"، "آنکھوں کا تارا نام محمد" سيئي پسنديده نعتون گڏ چوٽوءَ جي ذهن ۾ گونجي رهيون هيون آخر اها ئي ترڪيب ذهن ۾ آئي تہ پهرين وانگر وڏي پيڻ سان ئي مشورو ڪرڻو پوندو.

چوٽوءَ جي ڳالهہ ٻڌي ڪري پيڻ ٿوري دير لاءِ تہ ڪِهري سوچ ۾ پئجي وئي پوءِ ڪجهہ لمحن کان بعد چوڻ لڳي: اڄڪلهہ مدني چينل تي نئون ڪلام هلي رهيو آهي آسان هجڻ سان گڏوگڏ طرز بہ پياري اٿس، مان توکي شام جو لکي ڪري ڏئي ڇڏيندَس ۽ بزمِ اَدب کان پهرين بہ گهر ۾ ٽي چار دفعا پريڪٽس ڪرائيندي سانءِ، چوٽو شڪريہ ادا ڪندي فِرج جي طرف وڌيو جو سڄي پريشاني ختم ٿي وئي پوءِ چو نہ آرام سان چاڪليٽ جا مزا وٺجن.

بزمِ ادب شروع ٿيڻ کان پهريان ئي اسمبلي هال ۾ سيئي ٻار قطارن ۾ ويهي چڪا هئا مقرره وقت تي نائين ڪلاس جي هڪ ٻار تلاوتِ قرآن مجيد سان آغاز ڪيو جنهن ڪانپوءِ چوٽو نعت پڙهڻ جي لاءِ ڊائس تي آيو، درود پاڪ پڙهڻ کان پوءِ ان نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي:

یانبی سب کرم ہے تمہارا یہ جو وارے نیارے ہوئے ہیں

اب کمی کا تصور بھی کیسا، جب سے منگتے تمہارے ہوئے ہیں

چوٽو جي نعت ختم ٿي تہ طالبن سان گڏوگڏ استادن طرفان بہ ماشاءَاللہ جا آواز اچڻ لڳا. هاڻي تقرير (speech) جو وارو



هيو تہ ڏهين ڪلاس جو غلام رسول ڊائس تي اچي ويو، ادا غلام رسول کي الله تعاليٰ تقرير جي خوبي عطا ڪئي هئي، پوري شهر جي تقريري مقابلن ۾ پهريون انعام ڪٽيو هئائين. ان کي ڊائس تي ڏسي ٻار بہ خوشي ۾ جهومي رهيا هئا ۽ پوري هال ۾ خاموشي ڇانئجي چڪي هئي.

سڀ کان پهريان واجبُ الاحترام استاد سڳورن ۽ عزيز ساٿين کي السلام عليڪم ورحمة الله! اسلام جو دامن اهڙين عظيم هستين سان ڀريو پيو آهي جن جي اسلام ۽ مسلمانن جي خدمتن تي لکڻ وڃجي تہ لائبريريون ڀرجي وينديون. اهڙي ئي هڪ عظيم بزرگ شخصيت تي اڄ مان توهان جي سامهون گفتگو ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪي ننڍپڻ ۾ ئي اهڙا نيڪ سيرت هئا جو ان جي سچ ڳالهائڻ جي برڪت سان ڌاڙيلن جي پوري ٽولي ڌاڙي کان توبہ ڪئي هئي.

ايترو چئي ڀاءُ غلام رسول چند لمحن جي لاءِ رڪجي ڪري ٻارن جي چهرن ڏانهن ڏسي پوءِ چيائون: جي ها منهنجي مراد توهان جي ذهنن ۾ ايرنڊڙ عظيم بزرگ شيخ عبدالقادر جيلاني ئي آهن. پيارا ٻارو! الله جي سڀ کان نيڪ ٻانهن وانگر شيخ عبدُالقادر جيلاني کي بہ نماز سان بي حد محبت هئي سندن جي سوانح (biography) ۾ لکيل آهي تہ ”پاڻ چاليهہ سالن تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪندا رهيا هئا.“ يعني عشاء جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ سمهڻ جي لاءِ بستري تي تشريف نہ وٺي ويندا هئا بلڪہ الله پاڪ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا ايسيتائين جو نماز فجر جو وقت ٿي ويندو هو ۽ ايئن پاڻ عشاء ئي جي وضو سان فجر جي نماز پڙهندا هئا.

پيارا ٻارو! اسان بہ الله جي نيڪ ٻانهن سان محبت جي دعويٰ ڪندا آهيون پر ڪڏهن اسان غور ڪيو تہ اسان انهن جي زندگي کي Follow بہ ڪندا آهيون يا نہ. سڄي رات جي عبادت تہ وڏي پري جي ڳالهہ اسان تہ نمازِ فجر بہ ادا نہ ڪندا آهيون ڪڏهن اک نہ کلڻ جو بهانو تہ ڪڏهن ننڊ جو بهانو ماءُ پيءُ اٿارين تہ بہ پاسو بدلي ڪري وري سمهي پوندا آهيون پر اسڪول جو وقت ٿي وڃي تہ اسان جي ننڊ بہ اڏي ويندي آهي ماءُ پيءُ جي هڪ ئي آواز تي ايئن بسترو ڇڏي ڪري ڀڄندا آهيون جيئن بستري تي ڪنڊا ڦُٽي پيا هجن. هن ڳالهہ تي ٻارن سان گڏوگڏ استادن جي چهرن تي بہ مسڪراهٽ اچي وئي.

غلام رسول پنهنجي تقرير ٻيهر شروع ڪئي: پيارا ٻارو! اڄ دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجو هيرو مڃيو ويندو آهي تہ ان کي فالو بہ ڪيو ويندو آهي دنيا وارا پنهنجي جڳهہ پر اسان مسلمانن جي لاءِ سڀ کان وڏا هيروز هي شيخ عبدالقادر



جيلاني جهڙا الله پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن جيڪڏهن اسان پنهنجي دنيا ۽ آخرت ٻئي ڪامياب بڻائڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي انهن کي فالو ڪرڻو پوندو تڏهن الله جا هي نيڪ ٻانها اسان کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندا.



# انسان ۽ نفسيات

# ڪاوڙ کي قابو ڪرڻ

ڊاڪٽر زيرڪ عطاري

ماهرينِ نفسيات جي مطابق انسان ۾ بنيادي طور تي ڇھ قِسمن جا جذبات موجود هوندا آهن. خوشي، غم، خوف، گھٻراهٽ، حيرت ۽ ڪاوڙ. ننڍپڻ هجي يا جواني، اڌڙوٽ هجي يا ڪراڙپ. زندگيءَ جي هر موڙ تي ڪٿي نه ڪٿي اسان جو ڪاوڙ سان واسطو پئجي ئي ويندو آهي. چاهي ڪو ڪيڏي وڏي دعويٰ ڇونه ڪري ته مونکي ڪاوڙ ناهي ايندي، اهو شخص ڪڏهن به درست نه ٿو ٿي سگھي ڇوته ڪاوڙ جو اچڻ هڪ فطري عمل آهي. ضروري ڳالھ اها آهي ته اسان ان ڪاوڙ کي نافذ ڪيئن ڪندا آهيون. هن مضمون ۾ ڪاوڙ جو نفسياتي تجزيو پيش ڪيو ويندو جنهن ۾ ڪاوڙ جا سبب، ان کان بچڻ جون تدبيرون ۽ ان جي درست نفاذ جي حوالي سان نڪات (Points) پيش ڪيا ويندا. انسان جون ڪوڙ ساريون ضرورتون هونديون آهن جن جي بغير زندگي گذارڻ مشڪل هوندو آهي. انهن مان ڪجھ ته زنده رهڻ جي لاءِ ضروري آهن مثال طور کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، لباس وغيره. ۽ ڪجھ جو تعلق اسان جي Safety سان آهي مثال طور جان، مال، عزت آبرو جي حفاظت، گرمي سردي کان حفاظت. ان سان گڏوگڏ انسان کي شفقت، پيار ۽ محبت جي ضرورت هوندي آهي. والدين، ڀيڻ ڀاءُ، عزيزن ۽ قريبي رشتيدارن ۽ دوست احباب جي طرف کان شفقت ۽ محبت اسان جي شخصيت تي گِهرو اثر وجهندي آهي. ان سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ تي اعتماد ۽ پنهنجي ضروري Skills کي وڌائڻ اسان جي ذهني صحت جي لاءِ نهايت ضروري آهي.

ان کان بعد هي ذهن نشين ڪري وٺو ته اسان جي بنيادي ضرورتن ۽ اسان جي جذبات جو هڪٻئي سان ڊائريڪٽ رابطو آهي جيئن ته اسان پهريان ڄاڻي چڪا آهيون ته جذبات بنيادي طور تي ڇھ قِسمن جا آهن: خوشي، غم، خوف،

گهٻراهٽ، حيرت ۽ ڪاوڙ. پوئين پيراگراف ۾ ذڪر ڪيل ضرورتون جيڪڏهن پوريون ٿينديون رهنديون ته اسان خوش رهنداسين. نه ته غم، خوف، گهٻراهٽ يا پوءِ ڪاوڙ جي جذبات جو منهن ڏسڻو پوندو.

جهڙيءَ طرح ضروريات ۽ جذبات جو ڊائريڪٽ رابطو آهي اهڙيءَ طرح جذبات ۽ اسان جي رويي (Behavior) جو به ڊائريڪٽ رابطو آهي.

ننڍپڻ ۾ ته اسان ايئن ئي هوندا آهيون، جيئن ئي اسان جي ڪا خواهش يا ضرورت پوري نه ٿئي ته يڪدم ئي ڪاوڙ ۾ روئڻ شروع. مطلب ته جذبات ئي اسان جي رويي کي ڪنٽرول ڪندا آهن. پر جيئن جيئن اسان عقل ۽ سمجھ جون منزلون طئي ڪندا آهيون ته اسان پنهنجي رويي کي ڪنٽرول ڪرڻ شروع ڪندا آهيون. والدين جي تربيت يا پوءِ ذاتي تجربا يا حالات اسان کي سيکاري ڇڏيندا آهن ته ڪٿي جذبات جو اظهار ڪرڻو آهي ۽ ڪٿي نه. جذبات کي ڪنٽرول ڪرڻ جي Skill کي ماهرينِ نفسيات Emotional Intelligence جو نالو ڏيندا آهن. عام لفظن ۾ اسان ان کي عقل به چئي سگهون ٿا.

هاڻي تائين جي گفتگو مان اسان ايترو ضرور سمجهي ويا هونداسين ته اسان جون ضرورتون جيڪڏهن پوريون نه ٿين ته اسان جي اندر مختلف قسمن جا جذبات پيدا ٿيندا آهن جن مان ڪاوڙ هڪ بنيادي حيثيت رکندي آهي. جيترو اسان ۾ عقل (Emotional intelligence) وڌيڪ هوندو اسان اوترو ئي سٺي انداز ۾ ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪري وٺنداسين. ان سان نه صرف اسان جي پنهنجي زندگي خوشگوار رهندي بلڪ ان جو مثبت اثر اسان جي فيملي ۽ معاشري جي ٻين ماڻهن تي به پوندو.

ڪاوڙ کي قابو ڪرڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل اُمور نهايت ئي اهميت جوڳا آهن:

سڀ کان پهريان توهان کي ڪاوڙ جي حوالي سان بنيادي اسلامي تعليم حاصل ڪرڻي پوندي. اجايو ڪاوڙ ڪرڻ جا نقصانات ۽ ڪاوڙ کي قابو ڪرڻ جي دنياوي ۽ اُخروي فائدن کي ڄاڻڻ پهرين ضرورت آهي. هن حوالي سان شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو ”غصي جو علاج“ ضرور پڙهندا، بلڪ باربار پڙهندا.

ڪاوڙ اچڻ تي سڀ کان پهريان توهان



پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو ته مونکي ڪاوڙ ڇو اچي رهي آهي؟ منهنجي ڪهڙي بنيادي ضرورت پوري نه ٿي رهي آهي؟ ڪيئي ڀيرا ڪاوڙ ڪنهن جسماني ضرورت پوري نه ٿيڻ تي اچي رهي هوندي آهي. مثال طور بکَ، اُڃَ، ننڊ جي گهٽتائي يا ٿڪاوٽ وغيره. ته اهڙيءَ صورت ۾ پنهنجي بدن جي ضروريات کي پورو ڪيو. ڪاوڙ پاڻ ئي ختم ٿي ويندي.

ڪيئي ڀيرا ڪاوڙ اچڻ جو سبب ٻين جو رَويو هوندو آهي. ڪنهن منهنجي ڳالهه نه مڃي ته ڪنهن منهنجي بي عزتي ڪئي. يا فلاڻي مونکي اها عزت نه ڏني جيڪا ان کي ڏيڻ گهرجي ها. مون هي ڪم ڪرڻ جو چيو هو هن نه ڪيو. اصل ۾ هي ٻين جو رَويو ناهي. هي اسان جو پنهنجو رَويو آهي جو اسان صرف پنهنجي ضرويات کي ئي ترجيح ڏيندا آهيون. ان جو حل هي آهي ته اسان ٻين جي ضروريات کي ترجيح ڏيون. هيءَ هڪ اعلٰي خصلت آهي ۽ ان کي اپنائڻ جي ڪوشش ڪيون. جڏهن اسان پنهنجو پاڻ تي ٻين کي ترجيح ڏينداسين ته قدرتي طور تي اسان کي عزت ۽ احترام ملڻ شروع ٿي ويندو. اسان جي ڳالهه مڃي ويندي ۽ ڪاوڙ تائين نوبت نه ايندي.

ڪجھ ماڻهو ڪاوڙ اچڻ تي پاڻ کي تباهه ڪرڻ جو رستو اختيار ڪري ويندا آهن. ڪاوڙ ۾ اچي ڪري وارَ پٽڻ، پيٽ ۾ مٿو هڻڻ، بليڊ سان جسم وڍڻ، سگريٽ سان پاڻ کي ڏنڀ ڏيڻ وغيره پاڻ کي تباهه ڪرڻ جا ڪجھ مثال آهن. اهڙا ماڻهو عام طور احساسِ ڪمتري جو شڪار ٿيڻ جي ڪري تمام گهڻو حساس طبيعت جا مالڪ هوندا آهن. اهڙن کي گهرجي ته ماهرينِ نفسيات سان رابطو ڪري پنهنجو علاج ڪرائين. ڪڏهن ڪڏهن سائيڪوٿراپي جي ذريعي ڪافي مدد ملندي آهي.

غرور ۽ تڪبر به ڪاوڙ جا تمام وڏا سبب آهن. دنياوي شان ۽ شوڪت، عهدو ۽ منصب انسان کي آخرت جي عذاب کان غافل ڪري ظالم صفت بڻائي ڇڏيندو آهي، اهڙن جو علاج ڪنهن ڪامِل ولي جي صحبت سان ئي ٿي سگهي ٿو. هن ضمن ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ باقاعدگي سان شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ نيڪ اعمال جي رسالي تي عمل اهي اسباب آهن جيڪي غرور ۽ تڪبر جهڙي بري خصلت کي دور ڪرڻ ۾ معاون ثابت ٿي سگهن ٿا.

مسلمان هجڻ جي حيثيت سان اسان جي لاءِ هيءَ ڳالهه ڄاڻڻ نهايت ئي ضروري آهي ته ڪجھ صورتن ۾ ڪاوڙ اچڻ اسان



جي ايمان جو حصو آهي. ڪيئي اهڙيون صورتون آهن جتي شريعت جي احڪامن جي مطابق اسان کي نہ صرف ڪاوڙ اچڻ گهرجي بلڪ ان جو نفاذ ڪرڻ بہ ضروري آهي.

حاڪم کي ڪهڙي جرم تي ڪيتري سزا ڏيڻي آهي ان جي مڪمل گائيڊ لائن موجود آهي. گهر جو سربراھ بہ حاڪم آهي پنهنجي ماتحت ماڻهن تي ۽ حاڪم جي لاءِ هي ڄاڻڻ بہ لازم آهي تہ قيامت جي ڏينهن ان کان اُن ذميداري جو حساب ورتو ويندو. ڪاوڙ جون جائز صورتون ۽ ان تي شريعت جي مقرر ڪيل سزائن جو علم حاصل ڪرڻ هر هڪ تي لازم آهي. ان حدود جي خلاف ورزي جهنّم ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

الله ڪريم اسان کي انهن نڪات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



## دل جي گهٻراهٽ جو علاج

دل ۾ گهٻراهٽ ٿيندي هجي ته پنجن ئي فرض نمازن کان بعد سلام ڦيريندي ئي پنهنجو ساڄو هٿ دل تي رکي ڪري 11 ڀيرا سيپاري 13 سورة الرَّعد جي آيت 28 جو هي حصو: ﴿اَلَا بِذِكۡرِ اللّٰهِ تَطۡمَئِنُّ الۡقُلُوۡبُ ؕ﴿۲۸﴾﴾ پڙهي وٺو- (فيضان نماز،558)

## وڏي مصيبت مان جان ڇٽي پوي

جڏهن ڪا وڏي مصيبت اچي وڃي ته هي وظيفو پڙهي وٺندا ڪيو: "حَسۡبُنَا اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل" اِنۡ شَآءَاللّٰه رب تعاليٰ جي مدد سان امان ملندو. (فيضان رياض الصالحين،ج/40، تفسير روح المعانی، پ4، اٰل عمرن ، تحت الآية:173،جزء4، ص463)

## محتاجي کان بچڻ جي لاءِ

جيڪو به خميس جي ڏينهن ننهن ڪٽيندو ڪري اِنۡ شَآءَاللّٰه فقير نه ٿيندو- (مرأة المناجيح ،147/6)

## نزلي زڪام جو روحاني علاج

هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سان گڏ سورة الفاتحه ٽي ڀيرا (اوّل آخر ٽي ڀيرا درود شريف) پڙهي ڪري ٽن ڏينهن تائين روزانو مريض تي دَم ڪيو. اِنۡ شَآءَاللّٰه نزلي زڪام مان نجات حاصل ٿيندي. (بيمار عابد،ص34)



**جيلاني نسخو:** ربيعُ الغوث جي يارهين رات تي ٿي ڪارڪون ڪٺي ڪري هڪ ڀيرو سورة الفاتحہ، هڪ ڀيرو سورة الاخلاص، پوءِ يارهن ڀيرا يَاشيْخ عَبدَ القَادِرجِيلانی شَيئًا لِلّٰہِ اَلْمَدَد (اوّل آخر درود شريف) پڙهي ڪري دم ڪيو، ان ڪان پوءِ اهڙي طرح ٻي ۽ ٽي ڪارڪ تي بہ پڙهي ڪري دم ڪري ڇڏيو، هي ڪارڪون راتو رات ڪائڻ ضروري نہ آهن جيڪو چاهي جيڏي مهل چاهي جهڙي ڏينهن چاهي ڪائي سگهي ٿو، اِن شاءَ الله پيٽ جي هر طرح جي بيماري جي لاءِ مفيد آهي. (جنات کا بادشاہ ، ص 20)

